# اعليٰ حضرت
# امت جا خيرخواه

**14-August-2025**

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)



14 آگسٽ 2025ع (بمطابق:19 صفر شريف 1447ھ) تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# اعليٰ حضرت امت جا خير خواهه

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ✿... بدگماني کان بچڻ به خيرخواهي آهي
- ✿... اعليٰ حضرت ۽ ٻه قومي نظريا
- ✿... آزادي جي تحريڪ ۽ اعليٰ حضرت
- ✿... پنهنجو تشخص بحال رکو!

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامی)

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ؕ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن ؕ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله — وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله — وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتكاف جي نيّت كئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

الله پاڪ جي سڀ کان آخري نبي، محمد عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مون تي اڌورو درود پاڪ نہ پڙهو. صحابہءِ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! هي اڌورو درود پاڪ ڇا آهي؟ ٻنهي جهانن جي سلطان، رحمت عالَم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: تَقُوْلُوْنَ اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّتَمْسِكُوْنَ نامڪمل درود اهو آهي صرف اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ تائين پڙهي بيهي رهو ۽ منهنجي آل تي درود نہ پڙهو! پوءِ فرمايائون: ان جي بدران هن طرح پڙهندا ڪيو. اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِ مُحَمَّدٍ.[1]

اُن کے مولیٰ کے اُن پر کروڑوں درود — اُن کے اَصحاب و عِترت پہ لاکھوں سلام

پارہائے صُحُف غنچہائے قُدس — اہلِ بیتِ نبوت پہ لاکھوں سلام[2]

**وضاحت:** پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي الله پاڪ طرفان ڪروڙين درود ۽ اوهان جي اصحابن، اهل بيت، عزيزن ۽ مائٽن (Relatives) تي لکين سلام نازل ٿين. نبي پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا اهل بيت آسماني صحيفن جي حصن جهڙا آهن، اهي مقدس ۽ پاڪيزه گُلڙن جهڙا آهن، انهن تي لکين سلام نازل هجن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]... الصواعق المحرقہ، الباب الحادی العشر...الخ، الفصل الاول...الخ، صفحہ:183۔

[2]... حدائق بخشش، صفحہ:308، 309۔

# بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آھي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات (عملن جو دارومدار نيتن تي آھي.)[1] اي عاشقانِ رسول! سٺين سٺين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آھي. اچو! بيانَ ٻڌڻ کان پهريان ڪجھ سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون، نيت ڪريو! ۞الله پاڪ جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ بَاادب ويھندس ۞ خوب تَوَجُّہ سان بيان ٻڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس، ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بَتيءَ ۾ ارنڊيءَ جو تيل (Castor Oil)

اڄ کان تقريباً سؤ، سوا سؤ سال پهرين جو واقعو آھي، ان وقت بجلي عام نہ ھئي، ماڻھو ڏيئو ۽ لالٽين (Lantern) وغيره ٻاريندا ھئا. بَتي کي آسانيءَ سان سمجھڻ لاءِ ھيئن چئجي تہ اھو ھڪ ننڍڙو ليمپ ھوندو ھو، جنھن ۾ تيل وجھي ٻاريو ويندو ھو. ماڻھن جو معمول اھو ھو تہ بَتي ۾ مٽيءَ جو تيل ٻاريندا ھئا، جنھن جي ٻرڻ سان بدبوءِ پکڙجندي ھئي. ڏيئي ۾ گھڻو ڪري سرنھن يا ارنڊيءَ جو تيل (يعني ڪيسٽر آئل) وڌو ويندو ھو، جنھن جي بدبوءِ نہ ھوندي ھئي. اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي فتوا اھا آھي تہ مسجد ۾ مٽيءَ جو تيل ٻارڻ جائز ناھي، ڇوتہ مسجد کي بدبوءِ کان بچائڻ واجب آھي.[2]

ان ڪري اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي جيڪا مسجد ھئي، اتي بَتي نہ ٻرندي ھئي، ڏيئو ئي ٻاريو ويندو ھو. ھڪ پيري ائين ٿيو: رات جو وقت ھو، مينھن بہ وسي رھيو ھو ۽ ھوا بہ ھَلي رھي ھئي. اھڙي حالت ۾ ڏيئو ٻارڻ مشڪل ھو، ڏيئو ٻارين تہ وري وسامي وڃي، وري ٻارين تہ وري وسامي وڃي. ٻيھر ٻارڻ ۾ اھا بہ مشڪل ھئي تہ ماچس جي تيليءَ ۾ جيئن تہ گندرف (Sulphur) ھوندو آھي، ان کي ٻارڻ سان بہ ڪجھ سيڪنڊن لاءِ ئي سھي، پر

1... بخاري، ڪتاب بدءُ الْوَحي، صفحہ:65، حديث:1ـ
2... فتاوىٰ رضويہ، جلد:8، صفحہ:102مفھوماًـ

بدبوءِ اٿندي آهي، ان ڪري ماچيس جي تيلي بہ مسجد ۾ ٻارڻ منع هئي. هاڻي مينهن، هوا، اهڙي حالت ۾ بار بار مسجد مان ٻاهر وڃڻ، ماچيس جي تيليءَ سان ڏيئو روشن ڪرڻ، پوءِ وڏي احتياط سان اندر آڻڻ هڪ مشڪل ڪم هو.

اعليٰ حضرت جي خادم حاجي ڪفايت الله صاحب ان جو حل هيئن ڪڍيو جو بتيءَ ڪٽي ان ۾ مٽيءَ جو تيل وجهڻ بدران ارنڊيءَ جو تيل (Castor Oil) وجهي ڇڏيو، تہ جيئن بدبوءِ نہ اچي. اها بتي ٻاري مسجد ۾ رکيائين. بَتي ۾ شيشو لڳل هوندو آهي، ان ڪري اها هوا سان وسامندي ناهي.

اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه مسجد ۾ تشريف فرما ٿيا، بتيءَ تي نظر پئين تہ جلال مان فرمايائون: حاجي صاحب! توهان ڪيئي پيرا مسئلو ٻڌو هوندو تہ مسجد ۾ بدبوءِ وارو تيل نہ ٻارڻ گهرجي. عرض ڪيائين: ”حضور! هن بتيءَ ۾ ارنڊيءَ جو تيل آهي. فرمايائون: گذرڻ وارا ماڻهو اها ڳالهہ ڪيئن سمجهي سگهندا؟ اهي تہ اهو ئي چوندا تہ ٻين کي فتويٰ ڏني ويندي آهي: مسجد ۾ بدبوءِ وارو تيل نہ ٻاريو! ۽ پاڻ بتي ٻارائي رهيا آهن. (1)

وڌيڪ فرمايائون: جيڪڏهن ارنڊيءَ جو تيل وجهي ئي ٻارڻي آهي تہ ان جو هڪ طريقو آهي، بتيءَ وٽ ويهي رهو ۽ آواز ڏيندا رهو: هن ۾ ارنڊيءَ جو تيل آهي، هن ۾ ارنڊيءَ جو تيل آهي تہ جيئن گذرڻ وارن کي بدگماني نہ ٿئي. حاجي ڪفايت الله صاحب اها ڳالهہ ٻڌي تہ حڪم تي عمل ڪندي فوراً بتي بند ڪري ڇڏيائين. (2)

تمہاری شان میں جو کچھ کہوں اُس سے سِوا تم ہو
قَسیمِ جامِ عِرفاں اے شَہ احمد رضا تم ہو
عیاں ہے شانِ صدیقی تمہاری شانِ تَقْوٰی سے
کہوں اَتْقٰی نہ کیوں کر جبکہ خَیْرُالْاَتْقِیَاء تم ہو

**وضاحت:** اي منهنجا پير و مرشد! اوهان جي شان ۾ جيڪو بہ چوان، اوهان جو شان ان کان گهڻو بلند آهي. اوهان تہ الله پاڪ جي معرفت جا جام ورهائڻ وارا آهيو. اوهان جي

1... فيضانِ اعلیٰ حضرت، عادات و معمولات، صفحہ:121 مفصلاً۔
2... فيضانِ اعلی حضرت، عادات و معمولات، صفحہ:121 مفصلاً۔

تقويٰ کي ڏسي حضرت صديق اکبر رَضِیَ اللہُ عَنْهُ جي ياد تازي ٿي ويندي آهي. اوهان کي چو نہ سيني کان وڌيک متقي ۽ پرهيزگار چوان؟ اوهان پنهنجي دور جا سڀ کان وڌا متقي آهيو.

خائفِ کبریا ہیں رضا ہیں رضا | عاشقِ مصطفٰی ہیں رضا ہیں رضا
صوفیِ باصفا ہیں رضا ہیں رضا | صاحبِ اِتقا ہیں رضا ہیں رضا
عاشقِ اولیا ہیں رضا ہیں رضا | زینتِ اَتقیا ہیں رضا ہیں رضا(1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! سيرتِ رضا جي هن تقوا سان ڀرپور، ديني احتياطن سان لبريز پياري واقعي ۾ اسان لاءِ سکڻ جا کيترائي سبق آهن:

## (1): علم تي عمل کيو

پهرين ڳالهہ هي سکڻ لاءِ ملي تہ شريعت، دين، ۽ علم جون ڳالهيون صرف ٻين کي ٻڌائڻ لاءِ نہ پر خود عمل ڪرڻ لاءِ بہ آهن. يعني ديني ڳالهيون ٻين کي ٻڌائڻ يقيناً ضروري آهي، پر انهن تي عمل ڪرڻ ان کان بہ وڌيک ضروري آهي. الله پاک قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| كَبُرَ مَقْتًا عِنْدَ اللّٰهِ اَنْ تَقُوْلُوْا مَا لَا تَفْعَلُوْنَ ﴿۳﴾ (سيپارو: 28، سورت صف: 3) | ترجموڪنزُ العرفان: الله جي ويجهو هي سخت ناپسنديده ڳالهہ آهي جو توهان اهو چئو جيڪو نہ ڪيو. |

معلوم ٿيو تہ ٻين کي وعظ ڪرڻ، سنيون ڳالهيون ٻڌائڻ ۽ پاڻ عمل نہ ڪرڻ، انتهائي سخت ۽ شديد ڳالهہ آهي، ۽ الله پاک کي اها ڳالهہ هرگز پسند ناهي.

## بي عمل واعظن جو عذاب

حديث پاک ۾ آهي: رسول اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللہُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: معراج جي رات مون ڪجهہ اهڙن ماڻهن کي ڏٺو جن جا چپ باهہ جي قينچين سان ڪُتيا پئي ويا. جبريل امين عَلَیْهِ السَّلَام جن ٻڌايو: يا رسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! هي اوهان جي امت جا اهي واعظ (يعني نصيحت ڪرڻ وارا) آهن، جيڪي اهي ڳالهيون چوندا هئا، جن تي پاڻ عمل نہ ڪندا هئا.(2)

1... وسائلِ فردوس، صفحہ: 62 ملتقطاً۔
2... مسند ابی داود طيالسی، جلد:3، صفحہ:538، حديث:2172۔

الله اڪبر! پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! هي ڪيترو نہ سخت ترين عذاب آهي. اسان پاڻ تي غور ڪريون تہ اهڙيون ڪيتريون ئي نصيحتون آهن جيڪي اسان ٻين کي تہ ڏاڍي پياري انداز ۾ ٻڌائيندا آهيون ۽ زبان کي بہ سٺو لڳندو آهي، پر عمل...!!افسوس! عمل تہ نفس تي ڏاڍو ڳرو لڳندو آهي، عمل ٿيندو ئي ناهي. هاڻي تہ چڻ هڪ دستور ئي بڻجي ويو آهي.

سوشل ميڊيا تي ڪا سٺي پوسٽ ڏٺي، فوراً اڳتي وڌائي ڇڏي ۽ بس فارغ. واٽس ايپ (WhatsApp) تي اسٽيٽس ڏٺو، اسڪرين شاٽ ورتو، پنهنجي اسٽيٽس تي لڳائي ڇڏيو!!..

اَلْحَمْدُلِله! دعوتِ اسلامي جي طرفان سٺيون سٺيون قرآن ۽ حديث جي تعليمات تي ٻڌل، نصيحت ڀريون پوسٽون شيئر (Share) ڪيون وڃن ٿيون، سٺا سٺا اسٽيٽس شيئر ڪيا وڃن ٿا، انهن تي عام طور تي رد عمل اهو هوندو آهي تہ پوسٽ پڙهي، اسٽيٽس تي لڳائي ۽ فارغ ٿي ويا.

هي بہ نيڪي جي دعوت آهي، نيت سٺي هجي تہ ثواب جو ڪم آهي، اسان کي هي ڪم ڪرڻ گهرجي، فضول اسٽيٽس لڳائڻ کان تہ 100 سيڪڙو بهتر آهي پر ادا...!! عمل ڪٿي آهي؟ قرآن ڪريم جي آيت، حديث پاڪ، بزرگن جو فرمان پوسٽ جي صورت ۾ اسان تائين پهتو هو تہ جيئن اسان پڙهي ان تي عمل ڪريون، اسان ٻين تائين پهچايو ۽ ڳالهہ ختم. هي ڏاڍي ناپسنديده ڳالهہ آهي.

اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي سيرت مان اسان کي هي سبق ملي ٿو تہ اسان سٺيون ڳالهيون ٻين کي ٻڌائڻ، پهچائڻ تائين ئي نہ رهون، بلڪ پاڻ بہ عمل ڪرڻ جي عادت بڻايون.

## (2): مسجد کي بدبوءِ کان بچايو

سيرتِ رضا جي پياري واقعي مان ہي ڳالهہ اها معلوم ٿي تہ مسجد کي بدبوءِ کان بچائڻ تمام ضروري آهي. ۞ گرميءَ جي موسم آهي، پگهر آيو، ڪپڙن مان بدبوءِ اچڻ لڳي ۞ اهڙي طرح وات مان بدبوءِ اچي رهي هجي ۞ ڪچو بصر کاڌو هجي ۞ ڪچي ٿوم کاڌي هجي ۞ ڪچي ٿوم ۽

بصر واريون مختلف چَٽيون ڪاڏيون هجن ۞ گول گپا وغيره ۾ عام طور تي ڪچا بصر وڏا ويندا آهن، اهي ڪاڏا، وات ۾ بدبوءِ ٿي وئي، اهڙي حالت ۾ مسجد ۾ اچڻ منع آهي. (1) ان ڪري جو مسجد الله پاڪ جو گهر آهي. قرآن ڪريم ۾ آهي:

| | |
|---|---|
| اَنَّ الْمَسٰجِدَ لِلّٰهِ (سيپارو: 29، سورت جن: 18) | ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ هيءُ ته مسجدون الله جون ئي آهن. |

تنهنڪري اسان سيني جو پهريون حق اهو بڻجي ٿو ته مسجد کي بدبوءِ کان لازمي طور تي بچايون. اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡه جو ڪمالِ تقويٰ ڏسو! ڏيئو ٻارڻ سان صرف چند سيڪندن لاءِ بوءِ اٿندي آهي، ان جي باوجود پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡه جي مسجد مبارڪ ۾ ڏيئو ٻارڻ جي بہ اجازت نہ هئي. اسان وٽ سياري ۾ عام طور تي جڏهن مسجد ۾ هيٽر وغيره هلندا آهن تہ ڏيئو روشن ڪرڻ لاءِ تيلي وغيره ٻاري ويندي آهي، نہ ٻارڻ گهرجي. اسان کي گهرجي تہ اسان مسجد جو خوب ادب ۽ احترام ڪريون ۽ هر اهو ڪم، هر اهو عمل، هر اهو انداز جنهن سان مسجد ۾ بوءِ اٿي، مسجد جي بي ادبي ٿئي، اهڙن ڪمن کان اسان لازمي طور تي بچندا رهون.

## (3): بدگماني کان بچائڻ بہ خيرخواهي آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! سيرتِ رضا جي پياري واقعي مان هڪ اهم سبق اهو مليو تہ ماڻهن کي بدگماني کان بچائڻ بہ اسان تي لازم آهي. هر اهڙو ڪم جيڪو ٻين کي بدگماني ۾ مبتلا ڪري سگهي، اسان کي گهرجي تہ انهن ڪمن کان بچون. هيءَ تمام وڏي خيرخواهي آهي.

غريب کي رقم ڏيڻ بہ خيرخواهي آهي۞ بکايل کي ماني کارائڻ بہ خيرخواهي آهي ۞ ضرورتمند کي ڪپڙا وني ڏيڻ بہ خيرخواهي آهي ۞ مسلمان ڀاءُ سان نيڪي ۽ ڀلائي سان پيش اچڻ بہ خيرخواهي آهي، اهي سڀ خيرخواهي جون صورتون آهن، پر! سڀ کان وڏي خيرخواهي اها آهي تہ اسان ڪنهن کي جنت جو حقدار بڻائڻ يا جهنم کان بچائڻ جو ذريعو بڻجي وڃون.

---

1... بهارِ شريعت، جلد:1، صفحہ:648، حصّہ:3 ملخصاً۔

ياد رکو! هر گناهه جهنم جو حقدار بڻائڻ وارو آهي، بدگماني بہ گناهه آهي،[1] جڏهن کو شخص، اسان جو کو مسلمان ڀاءُ اسان جي ڪري بدگماني ۾ مبتلا ٿي رهيو آهي تہ يقينًا اسان پنهنجي مسلمان ڀاءُ لاءِ جهنم جو رستو کولڻ جو سبب بڻجي رهيا آهيون، تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ اهڙو کو بہ کم نہ ڪريون جو ڏسڻ وارا بدگماني ۾ مبتلا ٿي وڃن. مثال طور، اسان شرابين وٽ ويٺا آهيون، ڏسڻ وارو اسان کي بہ شرابي سمجهي اجايو بدگماني ۾ مبتلا ٿي سگهي ٿو ۞ اسان موبائل تي لڪي لڪي ڳالهائي رهيا آهيون، ماڻهو بدگماني ڪري سگهن ٿا تہ شايد ڪو غلط چڪر هلي رهيو آهي، ان ڪري ضرورت جي تحت ڳجهي ڳالهه ڪرڻي بہ هجي تہ توجهه ۽ احتياط سان ڪرڻ گهرجي ۞ چار ماڻهو گڏ ويٺا هجن، بہ شخص هڪ ٻئي جي ڪن ۾ سُس پس ڪن، ظاهر آهي تہ گڏ ويٺل بدگماني ۾ مبتلا ٿي سگهن ٿا ۞ اسان سنوڪر ڪلبن جا بار بار چڪر هڻون، ماڻهو تہ بدگماني ۾ مبتلا ٿيندا ۞ اهڙي طرح اسان جا واٽس ايپ اسٽيٽس، اسان جي ڊي پي تي لڳل تصويرون، اسان طرفان بار بار شيئر ٿيندڙ پوسٽون وغيره بہ اسان جي شخصيت جي عڪاسي ڪن ٿيون، انهن ۾ بہ احتياط ڪرڻ گهرجي تہ متان ڪو شخص اسان جو اسٽيٽس ڏسي، ڊي پي جي تصوير ڏسي بدگماني ۾ مبتلا نہ ٿي وڃي. مطلب تہ: اهو قاعدو اسان کي پنهنجي ذهن ۾ پختو ڪري ويهاري ڇڏڻ گهرجي تہ اسان کي ڪو بہ اهڙو ڪم ناهي ڪرڻو، جنهن سبب ماڻهو اسان بابت بدگماني ۾ مبتلا ٿين.

## پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پيارو انداز

بخاري شريف ۾ روايت آهي تہ حضرت صفيہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا جيڪا زوجهءِ مصطفيٰ آهي، هڪ ڀيري رسول اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اعتڪافَ ۾ ويٺا هئا، حضرت صفيہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا ملاقات لاءِ مسجد ۾ حاضر ٿيون.

(ان وقت عورتن کي مسجد ۾ اچڻ جي اجازت هئي، بعد ۾ منع ڪئي وئي، خير!) پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم واپسي وقت کين مسجد جي دروازي

1... فتاوىٰ رضويہ، جلد:8، صفحہ:80ماخوذاً۔

تائين چڏڻ لاءِ تشريف فرما ٿيا، جڏهن دروازي جي سامهون پهتا تہ ڏٺائون تہ ٻہ صحابي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهُمَا گهٽيءَ مان گذري رهيا آهن، ظاهر آهي تہ حضرت صَفِيّہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهَا نقاب وغيره ڪري رکيو هوندو، رسول اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم انهن صحابن کي فرمايو: هيءَ صفيہ (منهنجي زال) آهي.

هاڻي صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهُم جهڙا عظيم عاشق هجن، سامهون محبوب ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جهڙي هستي هجي، اهو ممڪن ئي ناهي تہ صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهُم جي دل ۾ محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم بابت ڪو منفي خيال اچي وڃي، ان جي باوجود پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم انهن کي ٻڌايو تہ هيءَ منهنجي زال آهي. صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهُم ادب سان عرض ڪيو: سُبْحٰنَ اللّٰه! يارسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! يعني اي پيارا محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! اسان ڪان اهڙو گمان بہ نٿو ٿي سگهي تہ اوهان جي باري ۾ ڪو منفي خيال دل ۾ آڻيون. حضور اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: بيشڪ شيطان انسان جي رت سان گڏ رڳن ۾ ڊوڙندو آهي، **مون کي خوف ٿيو تہ متان اهو توهان جي دل ۾ ڪو منفي خيال نہ وجهي ڇڏي،** (1)

سُبْحٰنَ الله! هي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو مبارڪ انداز آهي، اسان کي بہ اهو انداز اپنائڻ گهرجي. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم۔

مجھے غیبت و چغلی و بدگمانی | کی آفات سے تُو بچا یاالٰہی! (2)

## اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه جو مختصر تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! اي عاشقانِ رضا! اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه عاشقن جا امام آهن ۞ سنّين جا امام آهن ۞ عالمن جا امام آهن ۞ عابدن جا امام آهن ۞ زاهدن جا امام آهن ۞ اهلِ تقويٰ جا امام آهن ۞ فقهاءِ

1... بخاری، کتاب الاعتکاف، باب ھل یخرج ...الخ، صفحہ:531، حدیث:2035 مفصلاً۔
2... وسائلِ بخشش، صفحہ:101۔

محدثين ۽ مفسرين جا امام آهن. پاڻ مجدد بہ آهن، مفسر بہ آهن، محدث بہ آهن تمام وڏا عالِم ۽ انتهائي ذهين (***Intelligent***) مفتي بہ آهن قرآن جا حافظ بہ آهن ۽ سڀ کان وڌيڪ اهو تہ مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا سچا عاشق بہ آهن.

| | |
|---|---|
| ایک سچا عاشقِ نورِ مجسّم بولیے | اُن کو اُن کے عہد کا سالارِ اعظم بولیے |
| جن سے ہوں آباد علم و آگہی کی بستیاں | ہیں جنم لیتی کئی صدیوں میں ایسی ہستیاں |

سندن ولادت مبارڪ 10 شوال 1272 هجري بمطابق 14 جون 1856ع تي هندستان جي شهر بريلي ۾ ٿي. پاڻ 4 سالن جي عمر ۾ ناظره قرآن ڪريم ختم ڪيو. صرف 13 سال 10 مهينا 4 ڏينهن جي عمر ۾ ديني تعليم مڪمل ڪئي ۽ پهرين فتوا لکي. اندازاً 70 کان وڌيڪ علمن ۾ لڳ ڀڳ 1000 ڪتاب لکيا. قرآن ڪريم جو ترجمو ”ڪَنْزُالْاِيمان“، ”فتاويٰ رضويہ“ ۽ ”حدائق بخشش“ سندن علمي ۽ ادبي شاهڪار آهن. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه 2 پيرا حج جي سعادت حاصل ڪئي. ٻئي پيري جڏهن روضۂ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي حاضر ٿيا تہ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جاڳندي اکين سان پاڻ کي پنهنجي ديدار سان نوازيو. تقويٰ ۽ پرهيزگاري ايتري قدر هئي جو نہ صرف فرائض ۽ واجبات جا سختي سان پابند هئا، پر سنتن، نوافل ۽ مستحبن کي بہ نہ ڇڏيندا هئا. گهٽ ڪائيندا ۽ گهٽ سمهندا هئا. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه **25 صفر** 1340 هجري بمطابق 28 آڪٽوبر 1921ع جمعي جي ڏينهن هن دنيا مان رحلت فرمائي. سندن مزار بريلي شريف ۾ آهي. **25 صفر** تي پوري دنيا ۾ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو عرس ملهايو ويندو آهي.[1]

| | |
|---|---|
| تُو نے باطِل کو مٹایا اے امام احمد رضا | دِین کا ڈنکا بجایا اے امام احمد رضا |
| اہلِ سنّت کا چمن سر سبز تھا شاداب تھا | تازگی تُو اور لایا اے امام احمد رضا[2] |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

1... فيضانِ امامِ اہلسنت(خصوصی شمارہ)، صفحہ:22تا24 ملخصاً بتصرف ۔
2... وسائلِ بخشش، صفحہ:525 ملتقطاً۔

# اعليٰ حضرت امت جا خيرخواهه

پيارا اسلامي ڀائرو! اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡه جي اعليٰ وصفن مان هڪ اهم ترين وصف هي به آهي ته پاڻ امت جا خيرخواهه هئا. جيڪڏهن توهان سندن پاڪ سيرت جو مطالعو ڪندا ته اول ڪان آخر تائين سندن پوري زندگي اسان کي امت جي خيرخواهي، ڀلائي ۽ ترقي لاءِ وقف نظر ايندي.

سندن خيرخواهي جي جذبي جو اندازو هن مان لڳايو ته اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡه تقريبن 1 هزار ڪتاب لکيا آهن، پاڻ روزانو صرف ڏيڍ ڪان 2 ڪلاڪ آرام فرمائيندا هئا،[1] باقي سڄو وقت، تقريبن 22 ڪلاڪ، پاڻ تصنيف ۽ تاليف ۽ امت جي خيرخواهي، ڀلائي ۽ اصلاح ۽ ٻين ڪمن ۾ صرف ڪندا هئا.

توهان اندازو ڪريو! هي ڪيتري وڏي قرباني آهي، يقين مڃو! جيڪڏهن اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡه ايترا ڪتاب نه لکن ها ته اڄ امت مسلمه هزارين ديني مسئلن ۾ محتاج ٿي رهجي وڃي ها. نون نون پيدا ٿيندڙ مسئلن جو حل ۽ عقائد دينيه جون تشريحون جيڪڏهن اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡه پنهنجي ننڊ ۽ آرام قربان ڪري، انهن تي قلم نه کڻن ها ته اڄ انهن مسئلن جو حل ڪڍڻ ناممڪن نه ته انتهائي مشڪل ضرور هجي ها. پر قربان وڃجي! اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡه امت جي خيرخواهي جي جذبي تحت ننڊ ۽ آرام قربان ڪيو، ڏينهن رات هڪ ڪري، انتهائي محنت سان مسلسل ڪم، ڪم ۽ ڪم ۾ مصروف رهيا، ايتري قدر جو جيڪڏهن پاڻ بيمار ٿي پوندا، طبيعت خراب ٿي ويندي هئي ته طبيعت جي پرواهه ڪرڻ ڪانسواءِ به تصنيف ۽ تاليف جي ڪم ۾ مصروف رهندا هئا ته جيئن امت کي فائدو پهچندو رهي.

اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡه جا ايترا سارا ڪتاب اڄ اسان کي ڪهڙا ڪهڙا فائدا پهچائي رهيا آهن، ان جي صرف هڪ جهلڪ توهان جي سامهون رکان ٿو.

---

1... فيضانِ اعلیٰ حضرت، صفحہ:108۔

# هڪ جملي مسئلو حل ڪري ڇڏيو

هڪ مدني اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي، هو چوي ٿو: اسان درسِ نظامي (يعني عالم ڪورس) ۾ پڙهندا هئاسين، هڪ ڏينهن استاد محترم سبق سمجهايو، ان تي مون کي ڪجهه اشڪالات ٿيا، ذهن ۾ سوال اٿيا، استاد صاحب جي خدمت ۾ عرض ڪيم، استاد صاحب وضاحت فرمائي پر تسلي نه ٿي سگهي، تقريبن 40 منٽن جو پيريڊ ان مسئلي بابت گفتگو ۾ گذري ويو. ٻئي ڏينهن وري ان ئي مسئلي تي استاد ۽ شاگرد جي وچ ۾ علمي مذاڪرو شروع ٿيو، پورو پيريڊ وري ان ئي موضوع تي گذري ويو. ٽئين ڏينهن به ائين ئي ٿيو، مسئلو ته حل ئي نه ٿي رهيو هو. آخر ائين ٿيو، اهو مسئلو ته ذهن ۾ هَلي ئي رهيو هو، الجهيل ته رهيو ئي هو، آخر ۾ لائبريري ۾ ويس، فتاويٰ رضويه شريف ڪنيو، 27 هين جلد کولي، پڙهڻ شروع ڪيو ته اَلْحَمْدُلِله! اهو مسئلو جيڪو ٽن ڏينهن جي علمي گفتگو سان به حل نه ٿي رهيو هو، اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہ جو لکيل هڪ جملو پڙهيو، ان سان ئي اهو پورو مسئلو حل ٿي ويو.

الله اڪبر! توهان ڏسو! هي اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہ جي ڪيتري عظيم خيرخواهي آهي، پاڻ پنهنجون ننڊون قربان ڪري، آرام کي هڪ طرف رکي امت کي ايترو وڏو علمي ذخيرو عطا فرمايو جو اسان سڄي زندگي به صرف اعليٰ حضرت جي ڪتابن تي ئي تحقيقات ڪندا رهون ته اهو به گهٽ آهي.

وادی رضا کی کوہِ ہمالہ رضا کا ہے
جس سمت دیکھئے وہ عَلاقہ رضا کا ہے
اَگلوں نے بھی لکھا ہے بہت عِلمِ دین پر
جو کچھ ہے اِس صدی میں وہ تنہا رضا کا ہے

# اعليٰ حضرت ۽ قومي نظريو

پيارا اسلامي ڀائرو! اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہ جي خيرخواهين جو سلسلو تمام ڊگهو آهي، سندن سيرت جو هڪ هڪ گوشو امت جي خيرخواهي لاءِ وقف نظر اچي ٿو.

اَلْحَمْدُلِله! اڄ 14 آگسٽ آهي، هي اهو ڏينهن آهي جو اڄ کان تقريبن 78 سال پهريان 14 آگسٽ 1947ع تي اسان جو پيارو ملڪ عزيز پاڪستان آزاد

ٺيو هو، مسلمانن کي هڪ آزاد اسلامي رياست نصيب ٿي هئي، پاڪستان جي وجود جو جيڪو بنياد آهي يعني سڀ قومي نظريا، برصغير ۾ ان ٻه قومي نظرين جو باني ۽ ان تي مڪمل طور تي پهرو ڏيندڙ ٻہ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه ئي آهن.

يقين مڃو! ان 2 قومي نظريي تي پهرو ڏيڻ لاءِ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه ايتريون قربانيون ڏنيون آهن، ايتريون قربانيون ڏنيون آهن جو اسان سوچي بہ نٿا سگهون.

## 2 قومي نظريو تاريخ جي آئيني ۾

ائين تہ ٻہ قومي نظريو جيڪو آهي، اهو قرآني نظريو آهي، قرآن ڪريم ۾ صاف صاف طور تي 2 قومي نظريي جي تعليم موجود آهي، الله پاڪ فرمائي ٿو:

قُلۡ يٰۤاَيُّهَا الۡكٰفِرُوۡنَ ۙ﴿۱﴾ لَاۤ اَعۡبُدُ مَا تَعۡبُدُوۡنَ ۙ﴿۲﴾

(سيپارو:30، سورت ڪافرون: 1_2)

ترجمو ڪنزُ العرفان: اوهان فرمايو: اي ڪافرؤ! مان انهن جي عبادت نہ ٿو ڪيان جن کي توهان پوڄيو ٿا.

قرآن ڪريم ۾ هي پوري سورت آهي، سورة ڪافرون. هي پوري سورت ئي 2 قومي نظريي تي مبني آهي.

برصغير جي جيڪڏهن ڳالهہ ڪجي تہ هتي سڀ کان پهريان ٻہ قومي نظريو حضور مجدد الف ثاني رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه بيان فرمايو.[1] ۽ جيڪڏهن اسان پاڪستان جي آزادي جي تحريڪ ۾ ڏسون تہ اهو نظريو سڀ کان پهريان اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه پيش فرمايو، نہ صرف پيش ڪيو پر ان تي سختي سان پهرو بہ ڏنو. 1897ع ۾ يعني ڊاڪٽر اقبال جي ٻہ قومي نظريو پيش ڪرڻ کان 29 سال پهريان هندستان جي شهر پٽنہ ۾ هڪ ڪانفرنس ٿي، جنهن ۾ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه باقاعدي سان ٻہ قومي نظريو بيان فرمايو. ۽ صرف تقرير ۽ تحرير نہ پر اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه اشعار جي روشني ۾ بہ ٻہ قومي نظريي جي خوب تشهير فرمائي. اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه جو مشهور شعر آهي:

1... دو قومی نظریہ (مجدد الف ثانی اور اقبال کی نظر میں)، صفحہ:10 ماخوذاً۔

وہ کہ اُس در کا ہوا، خَلقِ خُدا اس کی ہوئی | وہ کہ اُس دَر سے پھرا، اللہ اُس سے پھر گیا[1]

ھي بہ قومي نظريي جو بيان آھي. اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه لکن ٿا:

انہیں جانا، انہیں مانا، نہ رکھا غیر سے کام | لِلّٰہِ الْحَمْد میں دُنیا سے مسلمان گیا[2]

ھي بہ بہ قومي نظريي جو بيان آھي. اعليٰ حضرت جا ڀاءُ مولانا حسن رضا خان رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه لکن ٿا:

اپنا عزیز وہ ہے، جسے تُو عزیز ہے | ہم کو ہے وہ پسند، جسے آئے تُو پسند[3]

ھي بہ صاف بہ قومي نظريي جو بيان آھي.

## تحريڪ آزادي ۽ اعليٰ حضرت

پاڪستان جي تحريڪ آزادي جيڪا آھي، ان جي ٿورو تاريخ تي نظر وجھو، ھڪ وقت ھو جڏھن وڏا ليڊر 2 قومي نظريي جا قائل نہ ھئا. مسلم، ۞ غير مسلم اتحاد تي ڪم ڪري رھيا ھئا. ان دوران تحريڪ خلافت ھلي، ۞ سڀ ان طرف تي ويا. تحريڪ ترڪ موالات ھلي، ۞ سڀ ان طرف تي ويا. ۞ غير مسلمن کي (معاذ الله!) باقاعده منبرن تي ويھاريو ويو،۞ انھن کان جمعي جون تقريرون ڪرايون ويون. ۞ غير مسلمن کي قرآن جي تعليمات جي مقابلي ۾ آڏي بيھاريو ويو، ۞ ان وقت صرف ۽ صرف اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه ھئا جيڪي پنھنجي تقريرن ۽ تحريرن ذريعي 2 قومي نظريي کي بيان ڪري رھيا ھئا.

## مان خاموش ڪيئن ٿيان...؟

خليفہ اعليٰ حضرت حضور سيدي قطب مدينہ رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه لکن ٿا: اھو وقت جڏھن اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه بہ قومي نظريو بيان ڪري رھيا ھئا، قرآن ۽ حديث جي روشني ۾ بہ قومي نظريي تي دليلن تي دليل ڏئي رھيا ھئا، ڪتابن تي ڪتاب لکي رھيا ھئا، ان وقت وڏا ليڊر بہ 2 قومي نظريي جا قائل نہ

1... حدائقِ بخشش، صفحہ:53۔
2... حدائقِ بخشش، صفحہ:55۔
3... ذوقِ نعت، صفحہ:126۔

هئا، جيئن هڪ پيري وڏا وڏا ليڊر اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه جي خدمت ۾ حاضر ٿيا، عرض ڪيائون: اسان جنهن مسلم، غير مسلم اتحاد جي ڳالهہ ڪري رهيا آهيون، اها ئي وقت جي ضرورت آهي، مهرباني ڪري توهان اسان جي مخالفت نہ فرمايو. اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه قرآن ۽ سنت مان دليل ڏئي انهن کي سمجهايو تہ وقت جي ضرورت غير مسلمن سان اتحاد نہ پر ٻہ قومي نظريو آهي، تنهنڪري مان هرگز ان ۾ توهان جو ساٿ نہ ڏيندُس.

سندن جو جواب ٻڌي ڪري انهن ماڻهن عرض ڪئي: ٺيڪ آهي، توهان اسان جو ساٿ نہ ڏيو پر گذارش آهي تہ اسان جي مخالفت بہ نہ ڪريو، بس خاموشي اختيار ڪريو. هاڻي ٿورو اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه جا ايمان افروز ۽ امت جي خيرخواهي جي جذبي سان ڀرپور جملا ٻڌو! فرمايائون: مان خاموش ڪيئن ٿي وڃان...؟ مان مسلمانن کي غير مسلمن جي مڪر ۽ فريب ۾ ڦاسندي ڪيئن ڏسي سگهان ٿو؟ جيڪو نظريو توهان اپنائي رهيا آهيو، ان سان تہ مسلمان غير مسلمن جا غلام بڻجي ڪري رهجي ويندا. مان هرگز ان ڳالهہ تي خاموش نٿو رهي سگهان. (1)

سُبۡحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! هي آهي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه جي پاڪيزه سيرت، پاڻ ئي آهن، جن جي خيرخواهي جي جذبي جي بدولت خود بانيان پاڪستان کي ٻہ قومي نظريو مليو، اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه جون ئي اهي خاموش محنتون ۽ قربانيون هيون، جن جي صدقي اڄ اسان وٽ هڪ آزاد اسلامي ملڪ موجود آهي.

## امت مسلم جي ترقي ۽ ڪاميابي جو نسخو

پيارا اسلامي ڀائرو! اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه امت جا خيرخواه آهن، پاڻ امت جي ترقي ۽ ڪاميابي لاءِ باقاعدي هڪ رسالو لکيو، جنهن جو نالو آهي: تدبير فلاح و نجات (يعني اهي ڪهڙيون تدبيرون ۽ طريقا آهن، جن کي اپنائي مسلمان ترقي ۽ ڪاميابي حاصل ڪري سگهن ٿا). جيئن تہ اڄ 14 آگسٽ آهي، پاڪستان جو يوم جشن آزادي آهي، تنهنڪري اچو! اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه جي ان

1... سيدى قطبِ مدينہ، جلد:1، صفحہ:456۔

رسالي جي روشني ۾ اسان پنهنجي وطن عزيز جي ترقي ۽ ڪاميابي جو نسخو ٻڌون ٿا ۽ نيت ڪيون ٿا ته اسان اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي انهن نصيحتن تي ڀرپور عمل ڪنداسين.

جيئن ته اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه هن مبارڪ رسالي ۾ 4 نصيحتون فرمايون آهن، جيڪڏهن اسان انهن جو خلاصو ڪڍون ته اهي 2 آهن: (1): فرمايائون: مسلمان مسلمانن جا همدرد ۽ خيرخواهه ٿي وڃن (2): فرمايائون: مسلمان پنهنجو ديني تشخص (يعني پنهنجي مذهبي تهذيب، پنهنجا ديني طور طريقا، ظاهري شڪل ۽ صورت وغيره) تي مضبوطي سان قائم رهن، غير مسلمن جا نقال هرگز نه ٿيڻ (يعني انهن جي نقل نه ڪن). اهي ٻه نسخا جيڪڏهن اپنائي وٺون ته ان جي برڪت سان مسلمان پوري دنيا ۾ ترقي ۽ ڪاميابي حاصل ڪري سگهن ٿا.

پيارا اسلامي ڀائرو! نيت ڪيو! پنهنجي وطن عزيز لاءِ، پنهنجي ترقي ۽ ڪاميابي لاءِ اهي ٻئي طريقا اسان عملي طور تي لازمي اپنائينداسين.

## (1): همدرد ۽ خيرخواهه ٿي وڃو!

پهرين نصيحت هيءَ ته اسان (عام طور تي سڄي دنيا جي مسلمانن خاص ڪري) پنهنجي خاندان، محلي، شهر ۽ پوري ملڪ عزيز جي هر هر مسلمان لاءِ خيرخواهه ۽ همدرد ٿيڻو آهي. منهنجي طرفان ڪنهن به پاڪستاني کي ڪنهن به قسم جي ڪا تڪليف نه پهچڻ گهرجي، تڪليف ته پري جي ڳالهه آهي مون تي لازم آهي ته هر هر مسلمان عاشق رسول جو صرف ۽ صرف ڀلو ئي چاهيان، ڪنهن به وقت، ڪنهن به لمحي، ڪنهن به ڪيفيت ۾ ڪنهن جو به برو هرگز نه چاهيان. ڪو منهنجو ماتحت آهي يا منهنجو امير آهي، منهنجو رشتيدار آهي يا پاڙيسري آهي، دوست آهي يا نه آهي، سڃاڻڻ وارو آهي يا اڻڄاڻ آهي، جيڪو به عاشق رسول آهي، مون کي ان جو صرف ۽ صرف ڀلو ئي چاهڻو آهي.

## مسلمان جي خيرخواهي فرض عين آهي

اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: دل سان مسلمان جي خيرخواهي فرض عين آهي. (1) يعني اسان جي دل ۾ ڪنهن به مسلمان جي ڪڏهن به برائي نه

---

1... فتاوى رضويه،جلد:14، صفحه:174 ـ

اڇي، اسان دل سان هر مسلمان جو صرف ۽ صرف ڀلو ئي چاهيون، اهو ائين ئي فرض آهي، جيئن نماز فرض آهي. وڌيڪ فرمايائون: **مال وغيره ذريعي مسلمان جي خيرخواهي فرض ڪفايه آهي.** (1)

يعني ڪنهن کي مال جي ضرورت آهي، هاڻي ڪو به مسلمان پنهنجي ان محتاج مسلمان ڀاءُ جي مالي خدمت ڪري، ان سان خيرخواهي ڪري، ته سيني مسلمانن تان فرض لهي ويو، ڇو؟ ان ڪري جو اهو فرض ڪفايه آهي.

هي ڪيترو اهم نڪتو آهي، اسان ڪنهن مسلمان جي مُتعلق دل ۾ برائي نٿا آڻي سگهون. مثال طور ❁ڪاش! ان جو ڪاروبار ٺپ ٿي وڃي، اهو چاهڻ گناهه جو ڪم آهي. ❁الله ڪري ان جو ته آواز ڪسجي وڃي. ❁فلاڻو ته بس مري ئي وڃي، زمين جو بار هلڪو ٿئي. ❁منهنجو وس هلي ته ان کي جيل ۾ وجهرائي ڇڏيان. پنهنجن مسلمان ڀائرن بابت هن طرح جا نفرت ڀريا جيڪي جذبات دل ۾ ويهاريا ويندا آهن، اهو گناهه جو ڪم آهي، اسان ڪنهن به مسلمان ڀاءُ جو برو نٿا چاهي سگهون. هميشه خيرخواهي ئي ڪنداسين، همدردي ئي ڪنداسين.

## اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو اندازِ خيرخواهي

اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو اندازِ خيرخواهي ڏسو! ❁سندن مبارڪ عادت هئي ته هر سال سياري جي موسم ۾ سَوڙون (يعني اوڍڻ جون ڪپهه سان ڀريل گرم چادرون) نيون سبرائي غريبن ۾ ورهائيندا هئا، هڪ ڀيري سياري جي موسم ۾ پاڻ سوڙون ورهائي چڪا هئا، پنهنجي لاءِ به نه رکيائون، سندن ننڍي ڀاءُ مولانا محمد رضا خان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه سندن لاءِ اسپيشل هڪ سوڙ نهرائي، اڃا پاڻ اها ويڙهي ئي هئي ته ڪنهن سوال ڪري ورتو، پاڻ فوراً اها پنهنجي سَوڙ لاهي ان غريب کي عطا فرمائي. (2) ❁جناب ذڪاءُ الله صاحب اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جا خادم هئا، هڪ ڀيري سياري جي موسم هئي، اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه گرم چادر ويڙهي رکي هئي، مغرب جي نماز پڙهي، مسجد مان ٻاهر تشريف وٺي آيا، ذڪاءُ الله صاحب کي ڏٺائون، انهن وٽ

1... فتاوی رضويه،جلد:14، صفحه:174 ـ

2... فيضانِ اعلی حضرت، صفحه:175-176ـ

گرم چادر نہ هئي، اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہ يڪدم پنهنجي چادر لاهي پنهنجي خادم کي عطا فرمائي. ان واقعي جي 2 يا 3 ڏينهن کان پوءِ اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہ لاءِ نئين چادر تيار ڪئي وئي، قربان وڃجي! پاڻ اها نئين چادر ويڙهي مسجد ۾ ويا، اتي هڪ مسافر کي ڏٺائون، ان وٽ گرم چادر نہ هئي، پاڻ پنهنجي اها نئين چادر لاهي ان اٽڪاڻ مسافر کي عطا فرمائي. (1)

سُبۡحٰنَ الله! ڪهڙي عظيم شان آهي، ڪهڙيون سخاوتون آهن، پاڻ کي سيءُ لڳندو، پاڻ کي مشقت ٿيندي، ان جي ڪا پرواهہ ناهي، مسلمان ڀاءُ مشڪل ۾ نہ اچن، ان جي هر وقت فڪر ستائي ٿي.

اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہ جو هڪ ٻيو مبارڪ انداز ڏسو! پاڻ پنهنجي ❁عزيزن، ❁مائٽن، ❁دوستن ❁۽ خاص خاص مريدن جي نالن جي هڪ ڊگهي لسٽ ٺاهي رکي هئي. فجر جي نماز کان پوءِ پنهنجي اوراد ۽ وظيفن جي آخر ۾ انهن سڀني لاءِ نالي سان دعا فرمائيندا هئا. سيد ايوب علي صاحب ارشاد فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن مان تمام پريشان هيس، اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہ جي بارگاهہ ۾ دعا لاءِ عرض ڪيم، پاڻ دعا فرمائي ۽ ساڳئي وقت مون کي ۽ منهنجي ڀاءُ سيد قناعت علي کي فرمايائون: توهان ٻنهي جو نالو بہ مون دعا جي لسٽ ۾ شامل ڪري ورتو آهي جيڪا آهستي آهستي تمام ڊگهي ٿي وئي آهي، اهي تمام نالا مون کي ياد آهن، روزانو نالي سان سڀني لاءِ دعا ڪندو آهيان. (2)

سُبۡحٰنَ الله! ڇا پياري ادا آهي...! اسان ٿورو پنهنجي پاڻ تي غور ڪري ونون، گهڻو پري وڃڻ جي ضرورت ناهي، ڪنهن ڏينهن بس پنهنجي موبائل جو جائزو ونو! موبائل ۾ سَيَّو ڪيل نمبرن جي لسٽ (Contact List) کولي ونو! ڏسو! ان ۾ ڪيترن ماڻهن جا نمبر سيو آهن، يقينا جن جو نمبر سيو آهي، ڪٿي نہ ڪٿي توهان جو ان سان ڪجهہ تعلق ضرور رهيو هوندو، هاڻي ٿورو غور فرمايو! جڏهن اسان نماز پڙهندا آهيون ، پنهنجي رب جي حضور دعا

---

1... فيضانِ اعلى حضرت، صفحه:176۔

2... فيضانِ اعلى حضرت ، صفحه:180۔

لاءِ هٿ کڻندا آهيون، اسان پنهنجي لاءِ گهڻو ڪجهہ گهري رهيا هوندا آهيون، مثال طور: اي الله! مون کي دنيا جون ڀلايون بہ عطا فرماءِ، اي الله! مون کي آخرت جون ڀلايون بہ عطا فرماءِ، اي الله! منهنجي گهر ٻار جو ڀلو ڪر، اي رب ڪريم! منهنجي ٻارن ٻچن جي خير فرماءِ، منهنجي اهل و عيال جي خير فرماءِ.

ڪڏهن غور فرمايو! هي جيڪي اسان جي موبائل ۾ ايترا سارا نمبر سيو آهن، انهن ۾ اسان جي پيارن جا نمبر آهن، عزيز رشتيدارن (Relatives) جا نمبر آهن، دوست احباب جا نمبر آهن، ڇا ڪڏهن اسان انهن ماڻهن لاءِ بہ دعا ڪئي آهي...؟ ڇا ڪڏهن دعا وقت انهن ماڻهن جو خيال اسان کي آيو آهي؟ هي گهڻو پري جي ڳالهہ نہ ڪري رهيو آهيان، هي اهي ماڻهو آهن جن سان اسان جو ڪتي نہ ڪتي تعلق آهي يا رهيو هو. اسان انهن لاءِ بہ دعا ناهيون ڪندا، اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي شان ڏسو! پاڻ پنهنجي عزيزن، دوستن ايتري قدر جو پنهنجي مريدن جي نالن جي بہ هڪ لسٽ ٺاهي رکي آهي ۽ قربان وڃجي! فرمائن ٿا: اهي سمورا نالا مون کي زباني ياد آهن ۽ مان روزانو نالو وٺي وٺي انهن لاءِ دعائون ڪندو آهيان.

## بخشش جو سبب ڇا بڻيو...؟

اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي عادت مبارڪ هئي، پاڻ عموماً جنازن ۾ شرڪت فرمائيندا ۽ نمازِ جنازه جون جيتريون دعائون حديثن ۾ آيون آهن، سڀ ئي پڙهي ڇڏيندا هئا. بريلي شريف ۾ نواب عزيز احمد نالي هڪ صاحب رهندو هو. ان جي زندگي ظاهري طور تي نيڪ عمل ڪندي نہ گذري هئي، جڏهن ان جو انتقال ٿيو تہ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ان جي نماز جنازه پڙهائي. بعد ۾ نواب صاحب جي گهرواري (Wife) ان کي خواب ۾ تمام سٺي حالت ۾ ڏٺو، ڇا ٿي ڏسي تہ نواب صاحب تمام سٺي حالت ۾ آهي. بي بي صاحبہ پڇيو: توهان جي بخشش جو سبب ڇا ٿيو؟ نواب صاحب چيو: اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه منهنجي جنازي جي نماز پڙهائي ۽ ايتريون دعائون ڪيون جو منهنجا سڀ گناهہ بخشائي ڇڏيائون! [1]

---

1... فيضان اعلیٰ حضرت، صفحہ:181۔

سُبْحٰنَ الله! ڇا شان آهي منهنجي اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه جو!!...

مصطفٰی کا دُلارا ہمارا رضا | غوثِ اعظم کا پیارا ہمارا رضا
جس کو سب اچھے کہتے ہیں اچھے میاں | ہے اس اچھے کا اچھا ہمارا رضا
غم نہیں حشر سے مجھ کو کچھ اے مُحِبّ! | ہے مدد کرنے والا ہمارا رضا

پيارا اسلامي ڀائرو! هي آهي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو اندازِ خيرخواهي. ڪاش! اسان به اهو انداز اپنايون، بس پنهنجن مسلمان ڀائرن جي حق ۾ خير ۽ ڀلائي ئي چاهڻ وارا بڻجي وڃون.

## مسلمان جي دل خوش ڪرڻ جا فضائل

۞الله پاڪ جي آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اِنَّ مِنْ وَاجِبِ الْمَغْفِرَةِ اِدْخَالُكَ السُّرُوْرَ عَلٰى اَخِيْكَ الْمُسْلِمِ يعني تنهنجي پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي دل ۾ خوشي داخل ڪرڻ مغفرت کي واجب ڪندڙ عملن مان آهي.(1) ۞هڪ حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّ اَحَبَّ الْاَعْمَالِ اِلَى اللهِ بَعْدَ الْفَرَائِضِ اِدْخَالُ السُّرُوْرِ عَلَى الْمُسْلِمِ يعني الله پاڪ وٽ فرائض کان پوءِ سڀ کان پسنديده عمل مسلمان جي دل ۾ خوشي داخل ڪرڻ آهي.(2)

پيارا اسلامي ڀائرو! هي فضيلت اسان کي حاصل ڪرڻي آهي. بس اڄ کان هي پڪي نيت ڪري وٺو! مون کي هميشه نفع بخش ئي بڻجڻو آهي، ٻين کي فائدو ئي پهچائڻو آهي، پنهنجي مسلمان ڀائرن جي دل خوش ڪرڻي آهي. اهو اسان ڪري وٺون، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! اسان جو ملڪ عزيز بلڪ پوري دنيا جا مسلمان ترقي ۽ ڪاميابي طرف وڌي ويندا.

## مسلمان جي خيرخواهي بابت نصيحتون

مسلمانن سان خيرخواهي، ڀلائي ۽ همدردي اپنائڻ بابت اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه جون ڪجهه نصيحتون ٻڌو! پاڻ فرمائن ٿا:

---

1... معجم ڪبير، جلد:2، صفحه:214، حديث:2672۔
2...معجم اوسط، جلد:6، صفحه:37، حديث:7911۔

❁مسلمان جي اعانت (يعني ان جي مدد ڪرڻ) الله پاڪ ڪي گهڻي پسند آهي. حديث پاڪ ۾ آهي: الله پاڪ پنهنجي ٻانهي جي ان وقت تائين مدد فرمائيندو رهندو آهي، جيستائين اهو پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي مدد ڪندو رهندو آهي.

❁بغير تحقيق جي ڪنهن مسلمان ڏانهن گناهه جي نسبت ڪرڻ حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي يعني اسان اجايو ٻڌل ڳالهين ۾ اچي هي نتا چئي سگهون تہ فلاڻو ڪوڙ ڳالهائي رهيو آهي، فلاڻو بي نمازي آهي، فلاڻو سود خور آهي، اسان هميشہ پنهنجن مسلمان ڀائرن بابت حسن ظن ئي رکنداسين. مسلمان جي توهين ڪرڻ حرام آهي.

بلا وجہ شرعي ڪنهن جاهل مسلمان کي بہ گاريون ڏيڻ، ان جي توهين ڪرڻ حرام آهي.

مسلمان ڀاءُ سان 3 راتين کان وڌيڪ ڳالهہ ٻولهہ بند رکڻ ناجائز ۽ حرام آهي مسلمان ڀاءُ جي توبہ (يعني معافي) قبول ڪرڻ واجب آهي، يعني ڪنهن مسلمان ڀاءُ کان ڪا غلطي ٿي وئي، هاڻي اهو اسان کان معافي گهري ٿو، اسان هي نٿا چئي سگهون تہ هي دل سان معافي نٿو گهري، اسان تي ضروري آهي تہ ان جي معافي کي قبول ڪري وٺون. (1)

## اعليٰ حضرت جي امت لاءِ خيرخواهي ۽ دعوتِ اسلامي

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه! اميرِ اهل سنت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه، عاشقِ اعليٰ حضرت آهن. سندن جي ٺاهيل پياري تنظيم "دعوتِ اسلامي" اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي ڪم ڪي، سندن ٻڌايل طريقن ۽ اندازن مطابق سڄي دنيا ۾ دين جي خدمت ۽ امت جي ڀلائي لاءِ مصروفِ عمل آهي.

اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه امت جي خيرخواهي لاءِ 10 نڪتن تي ٻڌل هڪ فارمولو پيش ڪيو، جنهن ۾ ❁ اسلامي مدرسا کولڻ ❁ اسلامي اسڪالرز جي ذريعي اسلامي لٽريچر جي فراهمي ڪرڻ ❁ ۽ نيڪي جي دعوت جي

1... فيضانِ اعلىٰ حضرت (عيسى رضوى)، صفحہ:197-200 ملتقطاً۔

لاءِ مبلغ تيار ڪرڻ جهڙا هدف مقرر ڪيا. ❁ اَلْحَمْدُلِلّٰه! دعوتِ اسلامي جا هزارين مدرسا ۽ انهن ۾ پڙهندڙ لکين شاگردَ ❁ ديني معلومات تي ٻڌل سوين ڪتاب ❁ ۽ هزارين مبلغن جي صورت ۾ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه جي ڏنل ان فارمولي کي عملي جامو پهرائڻ ۾ مصروف آهن.

هندوستان جا هڪ وڏا عالمِ دين هڪ ڀيري عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي جي دوري تي تشريف وٺي آيا تہ فرمايائون: امام احمد رضا خان رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه دين جي خدمت جو جيڪو خواب ڏٺو هو، اڄ مان ڪليل اکين سان ان جي تعبير ڏسي رهيو آهيان. [1]

اللہ کی نِعمت ہے، یہ دعوتِ اسلامی | آقا کی عِنایت ہے، یہ دعوتِ اسلامی
سب نبیوں کی، ولیوں کی، اصحاب کی اہلِ بیت | کی خاص عنایت ہے، یہ دعوتِ اسلامی
فیضانِ رضا ہے اور، یہ غوث کا فیضاں ہے | خواجہ کی حِمایت ہے، یہ دعوتِ اسلامی [2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (2): پنهنجو تشخص بحال رکو!!...

پيارا اسلامي ڀائرو! مسلمانن جي ترقي ۽ ڪاميابي لاءِ ٻيو نسخو جيڪو اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه عطا فرمايو، اهو هي آهي تہ مسلمان ہہ قومي نظريي جي عملي تصوير ٻڻجن، يعني ہہ قومي نظريو صرف اهو ناهي تہ اسان تقريرن ۽ تحريرن ۾ ان کي بيان ڪندا رهون، پر ان جو مطلب اهو آهي تہ اسان پنهنجي انداز، ڪردار، سيرت، عمل ۽ اطوار سان ثابت ڪريون تہ مسلمان ٻيو هوندو آهي، ۽ غير مسلم ٻيو هوندو آهي.

يعني اسان ڪنهن ہہ سطح تي نہ لباس ۾ نہ شڪل نہ صورت ۾ نہ طور طريقن ۾ نہ علم ۾ نہ جذبن ۾ نہ شوق ۾ نہ سوچن ۽ خيالن ۾ ڪنهن ہہ سطح تي ڪنهن ہہ غير مسلم جي نقل نہ ڪيون، هميشہ پنهنجي دين جي ئي پيروي ڪندا ڪريون.

---

1...فيضانِ امام اہلسنّت، صفحہ:9۔
2...وسائلِ فردوس، صفحہ:44، 45 ملتقطاً۔

مشهور حديث پاڪ آهي لَايُؤْمِنُ اَحَدُكُمْ حَتّٰى يَكُوْنَ هَوَاهُ تَبَعًا لِمَا جِئْتُ بِهٖ يعني توهان مان ڪو بہ ان وقت تائين مؤمن نٿو ٿي سگهي، جيستائين ان جون خواهشون منهنجي آندل دين جي تابع نہ ٿي وڃن.[1]

هي آهي ڪامل مؤمن جو شان، ماڻهو لباس خريد ڪري رهيو آهي، جوتا خريد ڪري رهيو آهي، شادي جي شاپنگ تي رهي آهي، هئير ڊريسر وٽ وار نهرائڻ ويو آهي، پڙهڻ ۽ سکڻ لاءِ ڪيريئر پلاننگ ڪري رهيو آهي، دڪان تي وينو آهي، معاشي ترقي جا خواب ڏسي رهيو آهي، مطلب تہ ڪو لمحو هجي، ڪا ڪيفيت هجي، ڪو موقعو هجي، خوشي هجي يا غمي هجي، هڪ مسلمان جي دل ۾ جڏهن بہ ڪا خواهش ايري، اها خواهش بہ دين جي تابع هئڻ گهرجي، دين جي مخالف نہ هجي، اهو مقام ايندو، تڏهن ٻانهي کي ڪامل مؤمن هئڻ جو رتبو نصيب ٿيندو.

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جيڪڏهن پنهنجي ترقي ۽ ڪاميابي چاهيو ٿا تہ اهي ٻئي ڳالهيون (1): پاڻ ۾ همدردي ۽ خيرخواهي (2): ۽ مڪمل طور تي دين جو پيروڪار ٿي وڃڻ، غيرن جي نقل ڪان بچڻ، اهي ٻئي ئي لازم آهن، جيڪڏهن اسان اهي ٻئي ڳالهيون اپنايون تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دنيا ۽ آخرت ۾ اسان جي ڪاميابي ئي ڪاميابي آهي. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## 14 آگسٽ جو پيغام

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ 14 آگسٽ آهي- اهو ڏينهن جڏهن الله پاڪ اسان کي بيشمار قربانين کانپوءِ هڪ آزاد اسلامي رياست عطا فرمائي- جنهن ۾ اسان آزاديءَ سان اسلامي حڪمن تي عمل ڪري سگهون ٿا. هي ملڪ اسان لاءِ الله پاڪ جي هڪ وڏي عظيم نعمت آهي.

سوچڻ جي ڳالهہ آهي! ❀ ڇا اسان هن نعمت جي قدر ڪئي؟ ❀ ڇا اسان شهيدن جي قربانين جو حق ادا ڪيو؟ ❀ جنهن مقصد لاءِ هي ملڪ ٺاهيو ويو

1... السنة لابن ابی عاصم، جز:1، صفحہ:46، حديث:15۔

چا ان مقصد کي پورو ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو؟ ❁ چا اسان هن پاڪ زمين کي واقعي پاڪ بنائڻ جي ڪوشش ڪئي؟

پيارا اسلامي ڀائرو! 14 آگسٽ جو ڏينهن عام ڏينهن ناهي بلڪ هي عهد ۽ وفا جي تجديد جو ڏينهن آهي، هي ڏينهن اسان لاءِ اهو پيغام کڻي اچي ٿو تہ ❁ اسان پنهنجن شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪريون، انهن لاءِ فاتحہ ۽ ايصال ثواب جو اهتمام ڪريون ❁ هي ڏينهن اسان کي اهو پيغام ڏئي ٿو تہ اسان مڪمل طور تي اسلام کي پنهنجي مٿان لاڳو ڪريون ❁ هي ڏينهن اسان کي اهو پيغام ڏئي ٿو تہ اسان هن پاڪ زمين کي ڪوڙ، غيبت، چغلي، وعدي خلافي، وياج ۽ ٻين گناهن کان پاڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون ❁ هي ڏينهن اسان کي اهو پيغام ڏئي ٿو تہ اسان پنهنجي ملڪ کي سرسبز بنائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪريون.

اَلْحَمْدُلِلّٰه! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم ”دعوتِ اسلامي“ انهن ڪمن ۾ اڳيان اڳيان آهي. اوهان کي گذارش آهي تہ دعوتِ اسلامي جي ديني ڪمن ذريعي معاشري جي اصلاح ۽ FGRF جي ذريعي فلاحي ۽ سماجي ڪمن ۾ حصو وٺو!

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي!

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

| | |
|---|---|
| ياخُدا پاک وطن کی تُو حفاظت فرما | فضل کر اِس پہ سَدا سایۂ رحمت فرما |
| اِس کو تُو قلعۂ اسلام بنا دے یارَبّ | مِرے پیارے وَطنِ پاک پہ رحمت فرما |
| آج ہے امن وطن کا مِرے پارہ پارہ | پھر مہیا مِرے مولیٰ! اسے راحت فرما |
| ہائے بدمست گناہوں میں ہوئے اہلِ وطن | یاخُدا سب کو عطا نیک ہدایت فرما |
| بچّہ بچّہ ہو نمازی مِرے پاکستاں کا | اور عطا جذبۂ پابندیٔ سُنّت فرما |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: مدني مذاڪرو

پيارا اسلامي ڀائرو! نيڪين ڀري زندگي گذارڻ، گناهن کان بچڻ جي سعادت ماڻڻ لاءِ عاشقان رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو، 12 ديني ڪمن ۾ خوب وڌي چڙهي حصو وٺو!

اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دل روشن ٿيندي، عشقِ رسول نصيب ٿيندو، محبتِ اِلاهي نصيب ٿيندي ۽ دين ۽ دنيا جون بيشمار ڀلايون هٿ اينديون. دعوتِ اسلامي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم آهي: **هفتيوار مدني مذاڪرو.**

**اميرِ اهل سنت** مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه دورِ حاضر جي عظيم علمي ۽ روحاني شخصيت بلڪ ڪامل ولي آهن، پاڻ هر هفتي نمازِ عشاء کان پوءِ مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن، يعني دنيا ڀر مان عاشقان رسول تفسير، حديث، شريعت، طريقت وغيره مختلف موضوعن تي سوال ڪندا آهن، اميرِ اهل سنت انهن جا جواب ارشاد فرمائيندا آهن.

مدني مذاڪرو اصلاحِ عقائد ۽ اعمال جو بهترين ذريعو آهي ❁اَلْحَمْدُ لِلّٰه! هينئر تائين ڪيترائي غير مسلم مدني مذاڪرو ڏسي ڪلمو پڙهي چڪا آهن بي نمازين جو هڪ تعداد آهي جيڪو نمازي بڻجي چڪو آهي ❁ڪيترن دلين جي اصلاح ٿي آهي توهان بہ مدني مذاڪري ۾ شرڪت ڪندا ڪريو!

اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ❁علمِ دين حاصل ٿيندو ❁محبتِ الاهي ملندي ❁عشقِ رسول ۾ اضافو ٿيندو ❁گناهن کان نفرت نصيب ٿيندي ❁نيڪي جو جذبو ملندو ۽ ❁اخلاق ۽ ڪردار ۾ بہ بهتري ايندي اچو! مدني مذاڪري ۾ شرڪت جي فائدن تي مشتمل هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## ماڊرن نوجوان جي توبہ

هڪ اسلامي ڀاءُ جي تحرير جو خلاصو آهي تہ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ اچڻ کان پهريان مان گناهن ڀري زندگي گذاري رهيو هيس. هر وقت دل ۽ دماغ تي فيشن جو جنون سوار رهندو هو ۽ نيڪين کان ڀري دنيا

جي رنگينين ۾ گم ٿي زندگي برباد ڪري رهيو هيس. هڪ پيري هڪ اسلامي ڀاءُ دعوتِ اسلامي تحت ٿيندڙ آخري عشري جي اجتماعي اعتڪاف جي ڀرپور ترغيب ڏياري، تنهنڪري الله پاڪ جي فضل ۽ ڪرم سان مون کي اعتڪاف جي سعادت ملي، اجتماعي اعتڪاف جو پرڪيف ماحول، پرسوز بيانات، سحر ۽ افطار جا روحاني منظر تمام سنا لڳا، ڪرم مٿان ڪرم هي ته اميرِ اهل سنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي علمي ۽ روحاني مدني مذاڪرن ۽ رقت انگيز دعائن دل مان گناهن جي ڪَٽُ صاف ڪري ڇڏي. منهنجي گناهن سان ڪاري زندگي ۾ عشقِ مصطفيٰ جي روشني پکڙجي وئي. مون پنهنجن گناهن کان سچي توبہ ڪئي ۽ اميرِ اهل سنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سان بيعت جو شرف حاصل ڪيو، اَلۡحَمۡدُلِلّٰه! ڏاڙهي شريف سان چهرو سجائي ورتو، مٿي تي عمامہ جو تاج سجايو ۽ سنتن ڀري زندگي بسر ڪرڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جو ديني ماحول اختيار ڪري ورتُم.[(1)]

مقبول جہاں بھر میں ہو دعوتِ اسلامی | صدقہ تجھے اے ربِّ غَفّار! مدینے کا[(2)]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مدني قاعدو (Madani Qaida) موبائيل ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! قرآنِ ڪريم جو فيضان عام ڪرڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جي I.T ڊپارٽمينٽ هڪ موبائيل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي آهي، جنهن جو نالو آهي: مدني قاعدو .(Madani Qaida) هن ايپلي ڪيشن ۾ مڪمل مدني قاعدو ۽ ان جي آڊيو (Audio) شامل ڪئي وئي آهي يعني هن ايپلي ڪيشن ۾ توهان مدني قاعدي جي جنهن حرف يا جنهن لفظ تي ڪلڪ (Click) ڪندا، آڊيو (Audio) ۾ ان جو تلفظ هلندو، ائين هن ايپلي ڪيشن جي مدد سان آساني سان مدني قاعدو پڙهي، ان جي مشق (Practice) ڪري درست مخارج ۽ ضروري تجويد سکي سگهجي ٿي. هن ايپلي ڪيشن ۾ مدني قاعدي جي سيني سبقن جي وڊيو رڪارڊنگ بہ ڏسي سگهجي ٿي. هي ايپلي ڪيشن

---

[1] ... بدچلن کیسے تائب ہوا؟، صفحہ:12تا 14 بتغیر۔

[2] ... وسائلِ بخشش،صفحہ:180۔

پنهنجي اسمارٽ فون ۾ انسٽال ڪري ونو، پاڻ بہ فائدو وٺو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪجهہ ضروري اعلان

هر هفتي امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني چينل تي لائيو هفتيوار مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن، ايندڙ هفتي بہ مدني چينل تي عشاء جي نماز کان پوءِ (تقريباً 9:30 منٽ تي) اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو جنهن ۾ امير اهل سنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سوالن جا جواب بہ عنايت فرمائيندا. تمام ذميداران ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ بہ شرڪت فرمائن ۽ ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏين.

شيخ طريقت، امير اهل سنت هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب ارشاد فرمائيندا آهن، ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ امام احمد رضا رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جون 25 ڳالهيون هڪ عاشق جي قلم سان، رسالي جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ بہ پڙهو! ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا مثلاً واٽس اپ وغيره استعمال ڪن ٿا، رضاءِ الاهي ۽ ثواب لاءِ هي رسالو ٻين کي بہ شيئر (Share) ڪيو!

حضور داتا گنج بخش علي هجويري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه برصغير جي مشهور ۽ معروف هستي آهن، پاڪستان جو تہ شايد ٻچو ٻچو سندن پاڪ نالي کان واقف آهي. سندن سيرت مبارڪ مسلمانن لاءِ مشعلِ راه آهي. سندن سيرت جي مختلف پهلوئن کي ڄاڻڻ لاءِ پڙهو مڪتبةُ المدينہ جو مفيد ترين رسالو "فيضانِ داتا گنج بخش". هن رسالي کي مڪتبةُ المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان 50 رپين ۾ قيمتاً حاصل فرمايو يا دعوتِ اسلامي جي ويب سائيٽ www.dawateislami.net تان مفت ڊائون لوڊ فرمايو، ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو. 1500 هون جشن ولادت جي خوشي ۾ مڪتبةُ المدينہ جي شاندار پيشڪش. 25 صفر شريف يومِ اعليٰ حضرت (19 آگسٽ) کان وٺي يوم تحفظِ عقيده ختم نبوت (7 سيپٽمبر) تائين يعني عرسِ اعليٰ حضرت کان يومِ

**تحفظِ عقيده ختم نبوت** تائين مڪتبةُ المدينہ جي تمام پروڊڪٽس تي 15 سيڪڙو خصوصي ڊسڪائونٽ حاصل ڪيو! اهڙيءَ طرح هن عظيم موقعي تي مدني پرچم (هر سائيز)، بائيڪ، ڪار، ٽيبل فليگ، فلاور اسٽڪ ۽ دلڪش نعلين شريف جا بيجز ۽ جشنِ ولادت ۾ دعوتِ اسلامي جي بينرن جو آرڊر بہ مڪتبةُ المدينہ جي دڪانن تي ڏئي سگهو ٿا. جلدي ڪيو، جشنِ ولادت جي تياري بہ ڪريو، فائدو بہ وٺو!

## 1500 هون جشن ولادت

**پيارا اسلامي ڀائرو!** حضرت بي بي آمنہ رَضِیَ اللہُ عَنہا فرمائن ٿيون: مون ڏٺو تہ 3 جهنڊا نصب ڪيا ويا، هڪ مشرق ۾، ٻيو مغرب ۾، ٽيون ڪعبي جي ڇت تي ۽ اسان جا نورِ نظر، لختِ جگر، حسن ۽ جمال جا پيڪر، دلربا ۽ دلبر صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هن دنيا ۾ تشريف وٺي آيا. (1)

| | |
|---|---|
| سَحر کا وقت ہے معصوم کلیاں مُسکراتی ہیں | ہوائیں خیر مقدم کے ترانے گنگناتی ہیں |
| ابھی جبریل اُترے بھی نہ تھے کعبے کے منبر سے | اتنے میں صدا آئی یہ عبد اللہ کے گھر سے |
| مبارک ہو شہ ہر دو سرا تشریف لے آئے | مبارک ہو مُحَمَّد مصطفیٰ تشریف لے آئے (2) |

اي عاشقانِ رسول! هن پيري پياري آقا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو 1500 **هون جشن ولادت** اچي رهيو آهي.

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1500 واں جشنِ ولادت | مرحبا!صد مرحبا! | آئے شاہِ ختمِ نبوت | مرحبا!صد مرحبا! |
| آئے تاجدارِ رسالت | مرحبا!صد مرحبا! | آئے جہاں میں جانِ رحمت | مرحبا!صد مرحبا! |
| صاحبِ عظمت و شان و شوکت | مرحبا!صد مرحبا! | سب سے بڑی اللہ کی نعمت | مرحبا!صد مرحبا! |
| آمنہ چمکی تیری قسمت | مرحبا!صد مرحبا! | گود میں آئی ربّ کی رحمت | مرحبا!صد مرحبا! |

1...خصائص کبریٰ، جلد:1، صفحه:82 مختصراً۔

2...کلیات ماہر، صفحه:70-71 ملتقطاً۔

پرپور تياريون فرمايو، خوب چراغان ڪرڻ، عمارتن، گاڏين تي مدني پرچم لڳائڻ، لڳرائڻ، صبح بهاران ۽ جلوسِ ميلاد ۾ شرڪت ڪرڻ، ڪرائڻ جي نيت فرمائي ونو! الله پاڪ عمل جي توفيق عطا فرمائي!

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمد لله دعوتِ اسلامي هر سال آگسٽ جي مهيني ۾ ملڪِ پاڪستان کي سرسبز بڻائڻ لاءِ وڻڪاري ڪري ٿي. دعوتِ اسلامي جي هن نعري" ٻوٽو لڳائڻو آهي وڻ بڻائڻو آهي" ۾ توهان بہ شامل ٿيو ۽ شرعي احتياطن سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ٻوٽو لڳائي ان کي درخت بڻائڻ جي ڪوشش ڪريو. بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي وڻڪاري جي حوالي سان ڪجهہ مدني گل پيش ڪريان ٿو.

## وڻ لڳايو! ثواب ڪمايو!

2 فرامينِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: (1) "جنهن ڪو وڻ لڳايو ۽ ان جي حفاظت ۽ سار سنڀال تي صبر ڪيو ايستائين جو اهو ڦل ڏيڻ لڳو تہ ان مان ڪاڏو ويندڙ هر ڦل الله پاڪ وٽ ان (لڳائيندڙ) لاءِ صدقو آهي-" [1] (2) جيڪو مسلمان وڻ لڳائي يا فصل پوکي پوءِ ان مان جيڪو پکي، انسان يا جانور کائي تہ اهو ان جي طرفان صدقو ٿيندو. [2]

پيارا اسلامي ڀائرو! وڻ لڳائڻ نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان ثابت آهي، صحابه ڪرام رَضِيَ اللهُ عنهم جي مبارڪ سنت آهي. ۞ نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت سلمان فارسي رَضِيَ اللهُ عنه جي لاءِ تقريبًا 300 ڪجيءَ جا وڻ پنهنجي مبارڪ هٿن سان لڳايا. [3] ۞ انهن وڻن مان هڪ وڻ مسلمانن جي ٻئي خليفي

---

[1]... مسنداحمد، جلد:6، صفحہ:701، حديث:17037-

[2]... مسلم، کتاب المساقاة، باب فضل الغرس و ا لزرع، صفحہ:604، حديث:1553-

[3]... دلائل النبوة، باب ماظہر فی النخل التی غرسہا النبی صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ...الخ،جلد:6، صفحہ:97بتصرف-

حضرت فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عنہ بہ لڳايو هو. ۞ [1] حضرت ابو هريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ بہ وڻ پوکيندا هئا[2]

**تفسير كبير ۾ آهي:** نهرون(شاخون) كوٽڻ ۽ شجر كاري كرڻ (يعني وڻ لڳائڻ) جي كري فارس (ايران) جي بادشاهن جون عمرون ڊگهيون ٿينديون هيون. [3]

**وڻن جا فائدا:** ۞ وڻ، بُوٽا كاربان ڊائي آكسائيڊ **(Carbon Dioxide)** وٺن ٿا، آكسيجن فراهم كن ٿا ۽ گلوبل وارمنگ **(Global Warming)** يعني دنيا جي وڌندڙ گرمي ۾ گهٽتائي جو سبب بڻجن ٿا[4]

**وڻ لڳائڻ جا احتياط:** پيارا اسلامي ڀائرو! اسان كي ٻوٽو پوكڻو بہ آهي، ان كي وڻ بہ بڻائڻو آهي، تنهنكري ۞ ٻوٽو پوكڻ كان بعد ان كي باقاعده پاڻي ڏيو! ۞ ان جي صفائي جو خاص خيال ركو ۞ عام راهن تي جتي هلڻ وارن كي تكليف ٿئي ۞ جتي قانون طور منع هجي ۞ ۽ كنهن جي ذاتي ملكيت ۾ ٻوٽا نہ پوكيو! ۞ جيكڏهن كنهن لاءِ ٻاهر ٻوٽا پوكڻ ممكن نہ هجي تہ اهو پنهنجي گهر ۾ ٻوٽا پوكي. [5]

ٻوٽا لڳائڻ جا وڌيك فضائل، فائدا ۽ احتياطون ڄاڻڻ لاءِ اميرِ اهل سنت مولانا محمد الياس عطاري قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو تمام سهڻو رسالو "وڻ لڳايو ثواب كمايو " مكتبة المدينہ كان حاصل كريو يا دعوتِ اسلامي جي ويب سائيٽ تان ڊائون لوڊ كريو. اهو رسالو پاڻ بہ پڙهو! ٻين كي بہ ترغيب ڏيو ۽ سوشل ميڊيا جهڙوك واٽس ايپ وغيره تي رضاءِ الهي ۽ ثواب لاءِ ٻين سان بہ شيئر **(Share)** كريو!

---

[1]… دلائل النبوة، باب ماظہر فی النخل التی غرسہا النبی صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم ...الخ،جلد:6، صفحہ:97۔

[2]… ابن ماجہ ، کتاب الادب، باب فضل التسبیح، صفحہ:610، حدیث:3807 ماخوذاً۔

[3]… تفسیر کبیر، پارہ:12، ہود، زیرِ آیت:61،جلد:6، صفحہ:367 بتصرف ۔

[4]… درخت لگائیے ثواب کمائیے، صفحہ:8 ملتقطاً۔

[5]… درخت لگائیے ثواب کمائیے، صفحہ:7-13-15 ملتقطاً۔

| | |
|---|---|
| آؤ لوگو! سب مل کر اِک شجر لگاتے ہیں | سر پہ ٹھنڈی چھت والا ایک گھر بناتے ہیں |
| گرمیوں کی چھاؤں ہیں، سردیوں کا ایندھن ہیں | کون کہتا ہے یہ پیڑ پھل نہیں بناتے ہیں؟ |

مختلف سنتون ۽ آداب سکڻ لاءِ مکتبة المدينه جي "**بهارِ شريعت**" **جلد**:3، حصو:16 ۽ امير اهل سنت مولانا الياس قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن جو رسالو "**550 سنتون ۽ آداب**" خريد فرمايو ۽ پڙهو! سنتون سکڻ جو هڪ ذريعو دعوتِ اسلامي جي قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر به آهي.

| | |
|---|---|
| پاؤ گے بخششیں قافلے میں چلو | جنّتیں بھی ملیں، قافلے میں چلو |
| رِزق کے دَر کھلیں، قافلے میں چلو | برکتیں بھی ملیں، قافلے میں چلو |

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتمِاع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينهصَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمجي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت به ايستائين هو ڏسندو ته سرڪار مدينهصَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

1... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا. [1]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن. [2]

## ﴿4﴾ ڇهہ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهہ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. [3]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ

---

1... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65
2... القول البديع، الباب الثانى، ص277
3... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ھو جڏھن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙھندو آھي تہ ھيئن پڙھندو آھي. (1)

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنۡزِلۡهُ الۡمَقۡعَدَ الۡمُقَرَّبَ عِنۡدَكَ يَوۡمَ الۡقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آھي : جيڪو شخص ھي درود پاڪ پڙھي ان جي لاءِ منھنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آھي. (2)

## ﴿1﴾ ھڪ ھزار ڏينھن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا ھُوَ اَھۡلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِىَ اللّٰهُ عَنۡهُمَا کان رِوايت آھي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ھي درود شريف پڙھڻ واري جي لاءَ ستر فرشتا ھڪ ھزار ڏينھن تائين نيڪيون لکندا آھن. (3)

## ﴿2﴾ ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الۡحَلِيۡمُ الۡكَرِيۡمُ، سُبۡحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبۡعِ وَرَبِّ الۡعَرۡشِ الۡعَظِيۡم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناھي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آھي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آھي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنھن ھن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙھيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (4)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1... القول البديع، الباب الاول، ص1125
2... الترغيب والترھيب، ج 2، ص 329، حديث 31
3... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305
4 ... ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455